# راهي جون رمزون



"راهي"
فتح محمد

راهي پبليڪيشن شهدادپور جي پيشڪش

ڪلامن ۽ بيتن جو مجموعو

# راهي جون رمزون

مصنف

فتح محمد چانگ "راهي"

دفعو پهريون سال ١٩٧٥ع

قيمت

سادو پنو ٣-٠٠ روپيا

سٺو پنو ٤-٠٠ روپيا

(مصنف جا حق ۽ واسطا قائم)

# راهي

# جون

# رمزون

.... .... .... .... .... .... ....


سرورق

عمل: ابڙو منصور عالم، "من"

اکيون آهن اداسي، ڪڏهن ايندين عجيب تون.

ڇپيندڙ: زينت پرنٽرس ڪوڪر ٻاڙو حيدرآباد
ڇپائيندڙ: فتح محمد چانگ "راهي"

اڪيـن منجهه آس سنڌي طلب طبيب
مجي شل حبيب "راهي" راس تن سان



فتح محمد چانگ راهي

# انتساب

انهيءَ عظيم هستيءَ جي نالي جنهن منهنجي
دنيا بدلي ڇڏي جنهن مونکي هن رنگ ۾
رڱي ڇڏيو جنهن جي ياد اڄ به ستائي رهي
آهي جنهن جي ياد ۾ دل جلي پئي اکين مان
آب جاري آهي هردم اهي اکر اکيان اچن ٿا ته:

آديسي اٿي ويا، سيجي ٿي اوطاق،
محبت سندي مچ ۾، سڙي ٿي ويا خاڪ
تن اندر جن جي ناتءِ سي آديسي اٿي ويا

”راهي“

# احسان مند آهيان

تمام احسان مند آهيان پنهنجي دوست منصور عالم "من" جو جن مون مسڪين تي مهرباني ڪري هن ڪتاب لاءِ "ٽائيٽل ڪور" تيار ڪري ڏنو آئون سندن نهايت شڪرگذار آهيان جي ٿورا لاهي نه سگهندس ته گهائيندو رهندس. جناب منصور صاحب تمام بهترين آرٽسٽ آهن ۽ ڪافي سنڌي رسالن ۾ ٽائيٽل ڪور ڏيئي چڪا آهن پاڻ سٺن خيالن جا مالڪ آهن. نه صرف پاڻ سندن وڏا پائر ۽ ننڍا پائر پڻ قابل تعريف آهن ڇاڪاڻ ته ڪٿي چٽجي ته ڪين اهو فن قدرتي ذات تي ماهو آهي. مونکي اميد آهي ته اڳتي لاءِ به اسانجو سات ڏيندا رهندا. آئون سندن هميشه دعاگو ٿي رهندس، ۽ احسان‌مند آهيان.

آئون زينت پرنٽنگ پريس جي منيجر جناب اڪبر جو به نهايت احسان مند آهيان جنهن خلوص سان منهنجي مدد ڪئي ۽ ڪندو رهي ٿو منهنجي پهرين ڪتاب "عزيز جون آهون" ۾ به سٺي نموني هليا ۽ هن ڪتاب ۾ پڻ سٺي مدد ڪيائون ۽ اميد اٿم نه اڳتي لاءِ اهڙي مدد ڪندا رهندا. آئون سندن ٿورائتو ۽ احسان‌مند آهيان.

فتح محمد چانگ "راهي"

بسم الله الرحمن الرحيم
نحمده ونصلي على رسوله الكريم

# پهريون پير

من وچ محبت مچ مچا ڪي عشق اساڻون خوب نچايا
دل وچ دونهين درد دکا ڪي هريت چ اسان خوب نچايا
"راهي" اهڙا رنگ رچايا، عشق اويڙا ٻهڻ نه ڏيندا

.... .... .... .... .... .... ....

هڪ اهو ڏينهن هو جو آئون بيوس، بيمار، اڪيلو کٽ تي ستو پيو هئس منهنجو ڀاءُ جو مون سان گڏ رهندو هو سو به ڪونه هو. اڄ پورو مهينو ٿي ويو هئو جو آئون بيمار کٽ تي پيو هئس لاچار ڪو هڪ اڌ دوست آيو ٿي جو ضرورت آهر ٿورو ڪجهه ڏيئي ۽ واپس ٿي ويو. انهن وقت (١٩٧٣) ۾ آئون ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج سڪرنڊ ۾ پڙهندو هوس منهنجو جاڙو ڀاءُ شيرمحمد، مونسان گڏ ٽريننگ ڪندو هو تنهن کي وري شوق ٿيو ڊاڪٽري پڙهڻ جو تنهن وڃي حالا ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر ۾ داخلا ورتي باقي آئون اڪيلو رهجي ويس، مونکي پهريون ڏک ڪاهاري اهڙو لڳو جنهن هٿي هنڊ ڪيو. نتيجي ۾ کٽ وسائي ويٺي. اڄ اکين مان

آب جاري، اڪيلائي، دانهن جو درد دل کي پهڙي رهيو هو جسم جي حالت اها هئي جو سڪي ڪنڊا ٿي ويو هو ٻالي پيارڻ وارو نه ڪير ڪونه هو. سڄڻ جي ياد ستايو دماغ ٿورو سوچيو چپ ٿورو ڪاپا ۽ اندر مان هي اکر نڪرڻ لڳا.

اکيو ٻار آهيان پڇڻ ڪون آيئين
رنس رات ساري ڏسڻ ڪون آيئين

.... .... .... .... .... .... ....

هي ٽلهه ٿيو انهيءَ سان ڪڏ مصراعون نه ٿهي ويون هٿو قلم ڪڍي هي ڪلام لکيم ۽ پوءِ سوچڻ لڳس ته: ”هي ڪلام ڪيئن ٿيو؟ ڪٿان ٿيو؟“ بهرحال ٿورو جاڳي وري سمهي رهيس آڌي رات وري سڄاڳ ٿي وري به اڪيلائي، بيقراري، چوڌطرف اونده ۽ آڌي رات وري به اندر مان اکر نڪرڻ لڳا.

آڌي رات اچي مونکي سورن ستايو
مک سمهڻ ڏين ڪونڪي وڃن ننڊ ڦٽايو
ڪيان سمهڻ جو سعيو، ته اچيو سور سامهان ٿيئن

.... .... .... .... .... .... ....

اڃي سور ساهان تين کن محبت جي مذاق
ڀاڌگيرو ڏين يار جو تيڻن چڪن منهنجا چاڪ
’راهي‘ منجهہ عشق جي اوطاق، سور رهندا سڄڻ جا

.... .... .... .... .... .... ....

اهڙي طرح منهنجي شاعري جي شروعات ڪلام ۾ بيت سان ٿي پوء تہ آهستي آهستي اهو درد دکي وڃي آزاد ٿيو.

پريو آ عشق جو آزاد جنهن سمهو ڇڏيو ساڙي
سميٽي درد دنيا جا وڏا مون دل اندر واڙي

.... .... .... .... .... .... ....

اڄ هالا ڪاليج ۾ مشاعرو هو جنهن جي صدارت سائين مخدوم محمد زمان طالب المولي ٿي ڪئي- آئون بہ اوچتو پنهنجي ڀاءُ سان هاسٽل ۾ ملڻ لاءِ ويس پيا بہ ٻئي دوست مليا تن زور ڀريو تہ اڄ اهو مشاعرو توکي اٽينڊ ڪرڻو پوندو. مون گهڻوئي لهرايو تہ مونکي طرح جي بہ خبر نہ آهي ۽ ان سان گڏ مونکي بحر وزن جي بہ خبر نہ آهي مگر دوستن چيو ڇا بہ ٿئي مگر توکي اڄ ضرور بيت چوائينداسين. رات ٿي سڀ دوست

پ

گڏجي هال ۾ وياسون جتي هال سڄو شاگردن ۽ معزز شهرين سان پريو پيو هو. وڏا وڏا شاعر اڳيان ويٺا هئا سائين طالب المولي جن به ويٺا هئا جن صدارت ٿي ڪئي. اسان ڪرسين تي ويهي رهياسون ۽ ٽي دوست منهنجي چوگرد ويهي رهيا ته مٿان پڇي وڃي. ۽ هڪڙو ويو سو منهنجو نالو لکائي آيو. هاڻ آئون وائڙن وانگر ويهي رهيس خشڪي اچي لڳي ته ڇا ٿيندو مشاعرو مونکي زهر ٿي آيو ڀانيم ته وجهه ملي ته ڀڄي وڃان پر هو ٻه مونکي قابو ڪري ويٺا هئا. "مروان سوت ملوڪان شڪار" دوستن لاءِ تماشو ۽ منهنجي لاءِ مصيبت. نيٺ نالو پڪاريو ويو ته فتح محمد چانڊيو "راهي" شاگرد هالا ڪاليج پنهنجا بيت پڙهندو آهستي ٿي ڪرسي تان اٿيس پر هلي نه سگهان هڪ دوست موڏسان گڏ هليو ته مٿان ڪسڪي وڃي سڄي حال ۾ چپ چاپ لڳي ٿي هئي جڻ ته ڪو ڏماڪو ٿيڻ وارو آهي هڪ ته منهنجي عمر ٿوري هئي ۽ ٻيو ته شاگرد جي نالي سان مون وٽ لکيل نه ڪجهه به نه هو البت مونکي جيڪي بيت ياد هئا تن مان چار بيت مون چيا. هر بيت تي سٺو داد ٿي مليو. هال ۾ واه، وا، واه وا ٿي ويئي آخري بيت سائين طالب المولي کي به وڻيو تنهن تي سائين چيو ته ٻيا ورڻي پڙهه بيت اهو.

محبت ايندين ساري جيوين سار ڪري ساري
نهن لاڪي توڙ نه ٿيوي توڙي جاوي عمر ساري
'راهي' ڪون دلبر ڏيوو دلداري، سهڏي نيهن نهوڙي جندڙي

.... .... .... .... .... .... ....

سچي حال ۾ ناڙيون ڪونججي ويون ۽ آئون سچو ٻگهر ۾ شمر تي همٿ لٿس هال مان نڪري ٻاهر بيهي رهيس سڀ دوست اچي مڙيا مبارڪون ڏنائون ۽ همت افزائي ڪيائون.

اهڙيءَ طرح منهنجي شاعري ۾ ٿورو ٿورو واڌارو اچڻ لڳو.

١٩٧٣ ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ نوڪري ملي ڪلارڪ جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ لڳس هڪ ڏينهن اوچتو سائين قلندر بخش شاهه لڪياري آفيس ۾ آيو اتي سائين سان واقفيت ٿي- سائين جو تعارف ٻئي هڪ ڪلارڪ ڪرايو ته سائين انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهن ۽ ان سان گڏ شاعري ۾ به سٺو مقام اٿن، ٿوري دير اندر سائين اهڙيءَ طرح رلي ملي ويو جڻ ته سالن کان واقف هئاسين مون ته اهڙا ڏينهن خدا کان گهريا ٿي جو اهڙو رهبر ملي جو رهبري ڪري واقعي اهڙوئي مالڪ ملايو ٿوري عرصي کانپوءِ سائين کي عرض ڪيم ته سائين ڪتاب ڇپرائڻ اٿم ٿوري اصلاح ڪري ڏيو جو سائين وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيو. سائين پنهنجي محنت ۽

محبت سان منهنجي مدد ڪئي آهي تنهن لاءِ آئون سائين جو ڏا زندگي ٿورائتو آهيان ۽ ٿي رهندس.

آئون پنهنجي استاد سائين قلندربخش شاهه اڪياري جو نهايت شڪرگذار آهيان ۽ ٿي رهندس، جنهن ساه سرير ۾ آهي تيسين اميد اٿم تہ سائين جي سلامي، غلامي ڀريندو رهندس.

ٻاڻ ادب جي هر عنوان کي رونق بخشي، جنهنجي صحبت فيض بشارت منهنجي هن راه ۾ رهبر ٿي.

شال رب پاڪ کين وڏي عمر عطا فرمائي، سنڌي علم ادب جي خدمت ڪندا رهن. ۽ اسان جهڙن اٻوجهن جي رهبري ڪندا رهن.

(من ڪيچي قبولين)

بنده خادم

فتح محمد چانگ "راهي"

# محسن علم و ادب سائين

## قلندر بخش شاهه اڪياري جن جا ارشادات عاليه

"راهي" منهنجو دوست به آهي ته شاگرد به، پر آءُ استاد رکو پيشي جي لحاظ کان آهيان. فن ۽ علم ۾ ته شاگردي جي به ابتدائي درجي ۾ مس آهيان. ۽ اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو ٻاهرين ڪامل شاعر مونکي ڪٿي استاد تسليم ڪري ته ڇا ڇنجي. پر ڪڏهن سوچيان ٿو ته جيڪڏهن استاد جا ئي افعال پورا ڪارا هجن ته شاگرد جو ڇا حشر ٿيندو. انڪري اميد ته اها اثر ته "راهي" صاحب منهنجي "استادي" کي سنجيدگيءَ سان نه وٺندو. بلڪ "شام" صاحب جي صلاح تي هلندي پنهنجي مرضي ڪندو.

پهرئين دفعي جڏهن راهي مونکي چيو ته آءٌ سندس ڪلام جي اصلاح ڪري ڏيان ته ڪل به آهي، ۽ دل ۾ چيم ته- "بکيا آيا اگهاڙن وٽ ڇي: هلو عهد ڪريون" سو جيڪڏهن راهي صاحب جو ڪلام واقعي اصلاح طلب آهي ته پوءِ ماڻهو هن به گولي لڌو. اسانجو "نالو وڏو گهوٽ سڄو" وارو لقاءُ ۽ جيڪڏهن "نه" ڪجي ته چوندو ته ميان ڏنو؟..........

پوءِ گڏجي ويٺاسين، پنج گهڙ ڪٽيسين ۽ نتيجو

راهي هون رمزون جي شڪل ۾ پڙهندڙن جي اڳيان آهي- اسان واري "استادي" جا به نيٺ پول پڌرا ڏيئا هئا سي ني پيا.

راهي جي ڪلام ۾ به ڳالهيون بهرحال قابل قدر آهن-
سندس فن سان لڳاءُ ۽ جذبن جو خلوص-

بات جو دل سے نکلتی ہے اثر رکھتی ہے-

.... .... .... .... .... .... ....

جيڪو ڪلام من جي سچن جذبن جو اظهار ڪري ٿو اهوئي فن جي بنيادي تقاضا پوري ڪري ٿو- فن جي لوازمات ۾ ٻي ڳالهه Form آهي- جنهن کي قدرت ايندي ايندي اچي ٿي ۽ ان لاءِ رياضت، مطالعو، وقت ۽ لڳن گهرجن- راهي نو مشق شاعر آهي ان ڪري سندس ڪلام ۾ اهڙي پختگي ڳولڻ يا انهيءَ بنياد تي تنقيد ڪرڻ اجائي ڳالهه ٿيندي- ان هوندي به آءٌ سمجهان ٿو ته سندس فن سان محبت ان ڳالهه جي ڪافي ضمانت آهي ته مناسب وقت اندر راهي ادب جي دنيا ۾ چڱو مقام حاصل ڪري سگهندو-

سنڌيءَ ۾ "خالص ادب" جي رفتار ماٺي ٿي نظر اچي- ٻئي طرف پروپئگنڊائي ۽ نيم سياسي (نام نهاد انقلابي) ادب جي تيز رفتاري تناسب بگاڙي رهي آهي-

۽ منهن جي خيال ۾ اهو رجحان سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ رڪاوٽ ۽ مستقبل لاءِ نقصان جو باعث بنجي رهيو آهي- هڪ علميءَ جي حيثيت سان منهنجو اهو خيال آهي- وڌيڪ علم ۽ ادب جا صاحب ئي بهتر سوچي سگهن ٿا.

بهرحال خلوص ڀريا جذبا، ۽ انهن جو مهذبانه اظهار منهنجي خيال ۾ خالص ادب جي جان آهن- ۽ اها شي جيڪڏهن ڪٿي خام شڪل ۾ ئي دستياب ٿئي ٿي ته مونکي سنڌي ادب جي مستقبل ۾ اميد جا روشن ڪرڻا نظر ايندا آهن- ۽ راهي جو ڪلام به ان زمري ۾ اچي ٿو- راهي جي شاعريءَ جو محرڪ به جيئن ڀاڻ ٻڌايائين ته هڪ اهڙيون ئي واردات قلبي هئي. شاعري، وردسورٿ جي قول موجب، اندروني اڌ من جي اوچتي اٿل جو نالو آهي جنکي سانيتڪين ساعتن ۾ ياد ڪري ۽ انهن جو اظهار ڪجي ٿو.

ڀٽ ڌڻيءَ فرمايو ته:

عشق اهڙي ذات، جيڪو مانجهي منجهائي مين ڪي،
ڏينهان ڏورڻ ڏونگرين روئڻ سڄي رات،
اٿي وڃي تات، سيان محبوبن جي———.

.... .... .... .... .... .... ....

شاعري شروع ڪرڻ ۾ عشق جي چوٽ تمام طاقتور

محرڪ آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته جٽادار پڻ.

راهيءَ جي ڪلام ۾ عشق و محبت، سڪ ۽ سوز، ورهه ۾ وڇوڙي ڏک ۽ سور جو ذڪر آهي. انداز بيان سادو ۽ سلوڻو آهي. بلڪل اهائي سادگي اهائي بي ساختگي جيڪا سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جي جان آهي.

شهري زندگيءَ ۾ ٺٺ ٺور، ٺاهه ٺوهه، ڏيک ويک ڪاهي اچي پيا آهن. انهيءَ ظاهريءَ سونهن سوڀيا کي ڏسندي ڪڏهن من کي وحشت اچيو ٿئي. پر ڪوئي چا ڪري، رهبريءَ جي واڳ شهرن جي ئي هٿ آهي.

منهنجي اها دلي خواهش آهي ته راهي علم ۽ ادب ۾ ترقي جون منزلون طي ڪري پر اها به دعا آهي هو سنڌي ثقافت جي سچائيءَ کان به گمراه نه ٿئي.

راهي جي ڪلام مان ڪجهه چونڊ سٽون خاص ملاحظي لاءِ ڏجن ٿيون:

ايڏو حسن تي هاڏي غرور نه ڪر
پرين پيار ڏيئي پوءِ دور نه ڪر
مونکي مفت سدا مجبور نه ڪر
منهن جي تو سان زاروزاري آ

---

آ محب سدا تون وري وري
دل دردن ۾ ٿي چري چري

نڪا آ وفا ۽ نه يارن ۾ ياري
اسان دل ته دردن ۽ ڪٺن ۾ ڪاري

---

دولت جي آ دنيا ساري ڪوبه صدا نه سڻي ٿو
ڀالو ڀولو سادو سودو ويتر ڪين وڻي ٿو
ڪير ٻڌي فرياد هتي ٿو ڪوئي نه ڪنهن کي سڃاڻي

---

لاتين سان دل لپائين ٻولي مٺي ٻڌائين
مشتاق نو ڪهائين قهري ڪجل ٿو پائين

---

اکيو يار آهن پڇڻ ڪونه آئين
رنس رات ساري ڏسڻ ڪونه آئين.

.... .... .... .... .... ... ....

خدا ڪري ته راهيءَ جو هيءُ مجموعه ڪلام اسانجي ڳوٺن وسندين جي قرب ڀرين ڪچهرين ۾ راڳ ۽ ساز سان سينگارجي محبت جي متوالن جي اندر ورونهن جو سبب بڻجي.

وما توفيقي الا بالله.

سنڌ يونيورسٽي
٦٥-٨-٢٩

قلندر لڪياري

# ٻه اکر

فتح محمد "راهي" هڪ اسرندڙ شاعر آهي. سندس ڪلام ان ڳوٺاڻي وڪر جو هڪ نمونو آهي، جيڪو سنڌ جي ڳوٺن ۾ وندر ورونهن طور رائج آهي: يعني ڪلام ۾ ڪافيون هن ڪلام ۾ اها ئاهم ڏوهه نه هوندي آهي، جهڙا سنڌ جي ٻئي موزون ڪلام ۾ ملي ٿي.

فتح محمد جو ڪلام سادو ۽ جذبي سان ڀرپور آهي. عشق جي آهن ۽ دانهن جو ٻڙلاءُ آهي. هن قسم جي ڪلامن ۾ سڪ جو سمر سرس هوندو آهي- فتح محمد وٽ به اهوئي معاملو آهي. سڪ ۽ سوز، وفا ۽ جفا، وصال ۽ فراق جا جذبات سندس ڪلام ۾ سٽ سٽ ۾ آهن. ڪلام پڙهڻ سان شاعر جي دل جي درد هڪ طرف ظاهر ٿئي ٿو ته سندس پرخلوص جذبن سان واقفيت ٻئي طرف ٿئي ٿي. سندس بيتن ۾ اهڙا جذبا آهن. نوجوان شاعر وٽ پر درد دل آهي.

جيڪڏهن استاد شاعرن جي ڪلام جو وڌيڪ مطالعو ڪندو ته سندس فڪر ۽ فن ۾ اڃا به پختگي ايندي.

والسلام

فقط

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
استاد سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي

١٨-٥-١٩٧٥ع

# ڊاڪٽر غلام علي الانا جن جي راءِ

## راهيءَ سان ريهاڻ

راهي هڪ نوجوان شاعر آهي- امنگن سان ڀريل ۽
جذبات سان ڀر، هن ڪتاب ۾ منظوم مصرعون سندس
جذبن ۽ امنگن جو ثمر آهن.

راهيءَ جي همت افزائي ڪرڻ کپي- سندس پٺي ٺپرڻ
کپي- مٿن ڀولن سان سندس ڪلام ۾ اصلاح ڪرڻ
کپي- هو پاڻ ٻہ چاهي ٿو تہ ڪو سندس شعر جي
اصلاح ڪري، سندس رهنمائي ڪري. هو سکڻ چاهي ٿو.

مون هن نوجوان کي سندس ڪلام جي ٻاري ۾
گهڻو ڪجهہ پڇيو نہ آهي ۽ نہ وري آءٌ کيس ڪو
گهڻو سڃاڻان. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازم آهي- روزانہ بس
۾ ملندو هو ۽ نهاريندو رهندو هو- هڪ ڏينهن جڏهن
کانئس پڇيم تہ مون ۾ ڪو ڪم اٿو ڇا؟ ڏاڍو
خوش ٿيو ڇو تہ نهايت شرميلو آهي، پاڻ ڪونہ ڳالهائي-
ٻڌائين تہ شاعري ڪندو آهيان، پنهنجي ڪلام جو
مجموعو ناهيو اٿم، اهو نظر مان ٻہ ڪيو ۽ ان تي ٻہ
لفظ لکي ٻہ ڏيو. سائس هائوڪار ڪيم ڪجهہ ڏينهن
ندہ نظر نہ آيو- هڪ ڏينهن اوچتو آفيس ۾ اچي نڪتو.
سندس ڪتاب جي ٻڌي هٿ ۾ هئس منهنجي سامهون

ميز تي رکيائين. آءُ سمجهي ويس.

راهيءَ وٽ عشق ۽ محبت جو مضمون گهڻو آهي، وڇوڙي جا ورلاپ، محبوب سان ملڻ جي آس ۽ هور ٿي سگهي ٿو ته ڪيس هن ننڍيءَ عمر ۾ ڪا چوٽ رسي هجي. ٿي سگهي ٿو ته هن ننڍڙي عمر ۾ سندس محبوب ڪانئس رسي ويو هجي، يا جدا ٿي ويو هجي.

راهيءَ کي گهرجي تنوير، اياز، نياز همايون، امداد ۽ شمشير جي ڪلام جو مطالعو ڪري. وري جڏهن مٺڙا ٻول، ترنم ترصيع واري شاعري ڪرڻ هجيس ته سائين طالب المولى جي ڪلام جو مطالعو ڪري.

راهي هڪ زنده دل جو مالڪ ٿو ڏسجي. اهڙيءَ حالت ۾ هڪ زنده دل ادبي شخصيت جو ڪلام جو مطالعو سندس ڪلام ۾ انقلاب آڻي ڇڏيندو.

منهنجي دعا آهي ته سنڌي زبان جو هي نوجوان امرندڙ شاعر هڪ ڏينهن وڏن شاعرن جي صف ۾ شمار ٿئي.

(ڊاڪٽر غلام علي الانا)

٢٨-٨-٧٥

جيجان ٿن جتن سان. منهنجي ٿي متي
"فتح" ڪري ڦٽي ڇڏيو ۽ ڇوري ويا.

# ڪلام

"راهي" جو رمزون ٻُسي ڇا ٻُسنديون
وجهي منهن مون ۾ ويهي ٻوءِ وسنديون
ڏوري ٻوءِ ڏسنديون، ته تنوارون جنهن ڪري

سچ پار سائين نہ دل کي ستي وچ
خدارا ڪرم ڪر نہ منھنڙو متي وچ

متا پار مون کان نہ جيئري جدا ٿي
ڏٺي ڪهڙي خامي ۽ ڪهڙي خطا ٿي

ڪري قرب جون ڪي نہ ڳالهيون ٻہ ٿي وچ

سواءِ توکان سهٽا سندم ڪانہ سرندي
جا دل ماري دردن پيئي ڳڻتين ۾ ڳرندي

جيئڻ هاڻ ڪهڙو تون ڪنڌڙو ڪتي وچ

ڦٽي دل 'فتح' جي تون ڪڏانهن وڃين ٿو
وٺيو هل مون هاڻي تون جيڏانهن وڃين ٿو

ڪري ور نہ احسان لاشو لتي وچ

اڄ منهنجا مٺا تون سون ڏي اچ
دل دردن ڏاڍي ماري آ
اڄ سور سٺايان توکي سڄڻ
دل گهٽين ڏاڍي گهاري آ
ايڏو حسن تي هاٺي غرور نه ڪر
ٻرين پيار ڪري پوءِ دور نه ڪر
مونکي مفت مٺا مجبور نه ڪر
منهنجي توسان زارو زاري آ
هڪ جان جلي ته پوءِ ڇا تي پيو
پلي روح سندڻي راضي ٿي پيو
احسان اهو ته نه ڪنهن تي ٿيو
مون ته تونان جندڙي واري آ
اچي منهن جي اکين تي هٿڙا ڏي
تون پنهنجا ڪفن لٺه ڪپڙا ڏي
ٿي ڪانڌي اچي پنهنجا ڪلهڙا ڏي
اچي موت مٿان ٿيو ماري آ
ڦٽي دلڙي "فتح" جي ڇو يار وڃين
ڇو راهي ڪان ٿي ڏار وڃين
ملي ڪمن مٺا هڪ وار وڃين
مون پنهنجي پريت ته پاري آ

دلڙي ٿي ديواني، تو محبوب ڪٺي مستاني-

ڇو دلبر دور ٿيو آهين..............
ٿـــي مهـٺـا مياٺـا تـــون
ٿا تڪين نيڻ نماڻا مون
ڇـو ٿـــو دور گـــذارين سهڻا
ڦير نـــه اڪـــه مستاني....………
سـارا ڪــهـان ڪهڙي
هت ڪاڻ نه شيءِ تو جهڙي
مٺ مور نـــه تنهن جو پايان
دنيان ۾ دلبر ثـانـــي..............
منهنجا منـڙا سـائـيـن
تو پورل چـــا لئه پلائين
هت سـور سهان پـيـو صدما
ويئي جانـي جلي جواني..............
اڄ منهنجا سـنڙا اوري
سر ساهه ڏيان مان گهوري
ڪر بـنـد نه منهن جـا جاني
تون ظالم پنهنجي زبانـي..............
مان ڪنهن کي ڪين چوان
پيـو دل ۾ درد سهـان
نه جـڏڙو جـيءَ جـهاريـنـي
هلي قرب جي ڦهري ڪاني..............

مونکي ڏس تون مٺڙا مان
ڪنهن کي دل جو حال ڏيان
سورن سونکي سهڻا ساڙيو
تو ته ڪئي من ماني
تو مان راهي روز رئان
ء جوش جدائي منجهه جلان
وهل نه نسي ڪا وسري
سا صورت سون سبحاني



منهنجا مٺا تون سائين ڇا لاءِ ٿو رلائين
ڪهڙي خطا ٿي مونکان ڪولي نٿو ٻڌائين
دلڙي توکي ٿي کولي ڪوئل ٿي جيئن ٻولي
ڏس دل جا نيڻ کولي مونکي ٿو ڇو ڀلائين
لائين ساڻ دل ليائين ٻولي مٺي ٻڌائين
مشتاق ٿو ڪهائين ڦهري ڪجل ٿو پائين
راهي ساڻ مل تون جاني دنيا سڄي آ فاني
دائم نه آ جواني ٻوءِ ڇو نٿو تون پائين.

اکيو يار آهيان پڇو ڪونه آيئون،
رنس رات ساري ڏسڻ ڪونه آيئن.
پڇڻ لوڪ آيو نه تون آيئن جاني،
نه مٽ مور پايم هنده يار ثاني.
وٺين جيئن وچڙي ملڻ ڪونه آيئن،
ڪجهيون ڳالهيون دل جون نه ٻئي کي ٻڌايان،
سواءِ تنهنجي سهڻا ساڻ ڪنهن کي سڻايان.
ڪسي دل ڪٺي وٺين ڏسڻ ڪونه آيئن،
سدا راهي من ۾ سنده تات آهي،
ٻيوس بدن ۾ تنهنجي بات آهي
ڦٽيل دل جو دارون ڪرڻ ڪونه آئين.

منهن مٽي مونکان مٺا جيڏي جدائي ڇو ڪرين،
ڪير چوندو هي وفا تون بيوفائي ڇيو ڪرين.
پيار ڏيئي مجبور ڪيو، پوءِ ڇو دل ڪان دور ڪيو،
تو کي ڪنهن مغرور ڪيو.
مونسان مدائي ڇيو ڪرين
خوش رهين سهڻا سدا، هر دم ڪيان تو کي دعا،
ڳالهه هڪ مونکي ٻڌاءِ.
ڇا لئه سوائي ڇيو ڪرين
راهي جهڙا رول ڪيا، ويهي پڻ تي ٿو ٻول ڪيا،
قرب جا تو قول ڪيا
تن جي صفائي ڇو ڪرين

●

نه مڪڙيون ٽڙيون ڪي نه ٽيا گل گلن ۾،
نه آئي بهاري ڪا منهنجي چمن ۾.
ڏيو ڀنؤر پيرا گلن کي قرن تا،
سڳند ڪاڻ تن جي مٽان سي مڙن تا.
نه خوشبوءِ رهي هاڻ ڪائي گلن ۾
بي گلزار سارو تي ويران ويو آ،
سڄو ۾ ڀيانڪ بيابان ٿيو آ.
نه ڪو گل رهيو آهي باقي چمن ۾
ڃو راهي سارو تي سنسار ويو آ
ٻري جيئن مونکان هو دلدار ويو آ
حياتي تي گذري غمن ۾ ڏکن ۾

هر گھڙي دلبر اندر ۾ ياد تنهنجي بار آ
تو سچي سارڀان کھڻو مان تن بدن ۾ نار آ
مان هتي واجهايان ويٺو ويل هرڪا تي وڏي
تو جسم جاني جلي هي جان تي آهي چڙي
تو سواءِ سهڻا سچ موتي حياتي بار آ
ڪيئن پلاسڪ تي سهان مونکي نتي ننڊڙي اچي
ڪيئن پلا ننڊڙي اچي جو سچ اندر ۾ پيو مچي
دل پڻي دانهون ڪري دلبر ويو ٿي ڏار آ
هي فتح آهي قتيل تنهنجي محبت جو سٺا
مون جدائي ۾ سوين ڏي سور ۾ صدما سٺا
مل اچي محبوب ڏاڍي رب جي سرڪار آ

●

دنيا سچي آ فاني، غفلت نه ڪر تون جاني، چڙهيو ڪي سملاني

ويندين هتان تون سڙا ڏيندئي هتن ۾ چٺڙا
هٿندين اتي تون هتڙا پڇندئي جتي زباني
توکي خدا بنايو ڪر تون سفر جو سعيو
مولي جو تيندو راهو نمندين تون چا نشاني
راهي نه ڪر تون پولو ويندين هتان اڪيلو
سانجهي صبح سويلو آخر جهان فاني

ڪهڙي حالت قربن ڪئي آ دل جي دنيا ٿي ويران وئي، آ
ڪئي مڇڙا اندر ۾ مچن تا دل ۾ دردن جا دونهڙا ڪن تا
در بدر دلڙي دردن ڪئي آ

اهڙو ساقي ويو پيالو پياري ڪري بيهوش مون کي وڌو ماري
نه دل هاڻي دل ٿي رهي آ

راهي سر جو ڪيان ڪهڙو سانگو آهي محبت سندو ماهه مهانگو
اها ڳل هاڻي مونکي ڀئي آ

●

جلائي جان وئين جاني ڪري دلڙي هي ديواني
مليو چا آ مٺا توکي ڪري مونکي وئين فاني
ڪري تون پيار پهرين پوءِ مٺا منهنڙو نه موڙين ها
ٽٽل دليون نه تون ڳنڍيجن ته هي دلڙي نه ٽوڙين ها
ڪيئي ڪهڙي سچ سائين مٺا مون تي مهرباني
ڦٽي دل تون وئين دلبر ڇڏيئي مسڪين کي ماري
وڃائيم دين دنيا کان ڇڏيم هر طرف کان ڪاري
سواءِ تنهنجي جيئڻ ڪهڙو هٿي وئين ڦهرجي ڪاني
ڪندس فرياد راهي روز محشر آءٌ مولي سان
ڪيائين قول سڀ ڪوڙا نه هرگز ڪا وفا مو سان
ڪندو انصاف منهن جو سو جو آهي نور نوراني

موٽي آ مٺا تون يار وري-
دل تنهنجي دردن ۾ ويٺي ڳري
هڪ ڏينهن هتان ڪان هلڻو آ

وري يار اتاهين نه ورڻو آ
ڪندين ڪاوڙ ڪنهن سان يار وري

ڇا لاءِ موکي تون ستائين ٿو
ڪري جاني جدائي جلائين ٿو

سواءِ تو کان سڄڻ نه ڪي يار مري
شب و روز 'راهي' تو کي ساري ٿو
هتي جان غمن ۾ ڳاري ٿو
هڪ ڏينهن ويندو ساڻ يار مري

ڪيان مان ڪهڙو حال بيان، لڳا جي دل ۾ ڦهري ڪان
ٻو مان رئندو رهيس

هڪ ٻل پيارل پيار ڪيو پوءِ صد مان ڏنائين سور،
دردن دلڙي ڳـاري منهنجي ڏسـي ويئي چڪنا چور
دلبر جــــي هـــر نــاز مٿان مان ساه ڪري قربان
ٻو مان رئندو رهيس

قرب جا مونسان قول ڪري پوءِ ڪونہ ٻرين پاڙيو
صدمــــن ڏاڍي سختــي لاتـــي سورن ڀـــي ساڙيو
ياد توهان جــي جــيءَ جلائــي هر هر ڪيو حيران
ٻو مان رئندو رهيس

”راهي“ هاڻي محبت جي مان ڪنهن کي ڏيان تہ ميار
يار دغا ڪئي دل سان تنهن جي ڪريان ڪيئن پچار
اجڙي ويو هي گلشن سارو ڪاہـ زهي ڪل ڪان
ٻو مان رئندو رهيس

شب روز سڄڻ کي ساريان ٿو
ڪري ياد هنجون مان هاريان ٿو

تون پيار ڪري پوءِ دور نه ڪر
سونکي هيئن سنا مجبور نه ڪر

مان هردم توکي پڪاريان ٿو

نه توسان حجت هلي يار سڄڻ
ايئن توکي مناسب ناهي ڪرڻ

انهيءَ گوندر ۾ ته گذاريان ٿو
راهي سڄڻ تنهنجون راهون تڪيون

ڏسي واٽون اکيون نيٺ ٿڪيون
مان دم دم دل کي ڏناريان ٿو

بره جو بيمار مان دکڙا پرايو ٿو وڃان
بيوفا بازي کٽي ونئين دل ڦرايو ٿو وڃان

مرڪندي محبوب جنهن دم ٿي مٺا موڙي ڏنئه
مون نه سمجهيو ٿي سچو اڄ قول پنهنجا پاريئه

ليڪن اڄ پرديس ۾ دل کي جلايو ٿو وڃان

اء هي کهڙو ستم سارو زمانو ويو ڦري
ي هئا ساٿي سکن ۾ سي نه اڄ ڏسجن وري

ڪين ڪي تومان وريو اڄ آس لاهيو ٿو وڃان

اء منهنجا حال محرم حال هيئا تو ڪيا
د دل ۾ هئا مگر هي سور بيٺا تو ڪيا

هاء گوندر ۾ حياتي هاڻ گهاريو تـو وڃان

جاني جي منهنجو پيو ڪري تو کي پڪار
نجي در تان منهنجا دلبر تون نه اڄ مونکي ڌڪار

تو ڏنا جي درد سي دل ۾ سنڀاريو ٿو وڃان

جي راهي سان صنم ايڏو ستم تو ڇو ڪيو
پرين پرديس ۾ ڇا لئه اڪيلو تو ڪيو

پيار جي بازي کٽل اڄ مان وڃايو ٿو وڃان

ڪنهو سانگ سانگي وڃن پيا وڃن پيا
ٿي جهڙي جدائي ڇون پيا ڇون پيا

ٻنا ٻاڻ ٽمڙا جو لالڻ لڏي ويا
خبر ناهي ڇاڪان هي ڇوري ڇڏي ويا

اڇا نيڻ منهنجا رڏن پيا رڏن پيا


الائي ڪڏهين سارو سون سان ملندا
ڪري دور دوريون اهي خوش ٿي ڪلندا

اڇا نيڻ منهنجا ٿمن پيا ٿمن پيا

ادا راهي سڏ ڪا ڏيو سانگين جي
سدا جهوري آهي منکي جهانگين جي

اڇا جگر جيرا جلن پيا جلن پيا

بيوفائي ڪان سواءِ دلدار مونکي ڇا ٿو ڏين
ڪانهه ٿهري پيو هٿين پيو قياس ڪهڙو ٿو ڪرين
نهنجي بيدردي تي دلبر هي جهان حيران آ
ڇا ٻيان ٻيهي ڪيان ٿي دل ويئي ويران آ
منهن نه وٺين مونکان متي پيو ڇا پلا تون ٿو مٽين
اءِ گوندر ۾ گهري سارو سندم ويو جسم آ
رب جو پيارا پرين ڪهڙو پلا هي قسم آ
اگر نه تو مرهم ڪيو اڄ ٿو دوا ڪهڙي ڪرين
اءِ بيگانو بڻائي يار "راهيءَ" کي ڇڏيئه
ب جا وعدا وساري اڄ غمن ۾ ڇو ڪڍيئه
جان ٿو ڪربان فدا تون ڇو نٿو مونسان ملين



وٺي مون کان ويا منهنجو ور ڙي اديون
ڇڏيان گهوٽ پنهان پنهنجو گهر ڙي اديون
نہ تہ هوت پنيان پنهنجي جان ڏيان
ڏوري نيٺ وڃي اهو ڏيهہ ڏسان
پنهنجي پياري پنهل سان شال ملان
پٽي سڏڙا ڪمان منجهہ بر ڙي اديون
اوهين جهڏيون مونکي هتي ڪين جهليو
ويندس پنهل پنيان پنهن جو پاڻ پامو
ڇڏي ڇوري هتي ويو هوت هليو
پيٽي جهاڳيندس جهنگ جهر ڙي اديون
هاڻي "راهي" ٿيندس پنهنجي پنهل پنهان
هاء تنهن کان سواء ڏکيا ڏينهن ڪٽيان
جهاڳيو جبل پٽي پنهن جو پاڻ ڦٽيان
ڪيو ڏيرن مون تي ڏمر ڙي اديون

فرياد ڪريان چا هاڻي، هتي پيار وڪامي ناڻي
الله ٿو ڄاڻي....
دولت جي آ دنيا ساري ڪوبہ صدا نہ سڻي ٿو
ٻالو ڀولو، سادو سودو ويتر ڪين وڻي ٿو
ڪير ٻڌي فرياد هتي ٿو ڪوئي نہ ڪنهن کي سڃاڻي
الله ٿو ڄاڻي....
دولت تي ٿو پيار وڪامي عزت غيرت ناهي
سائل جي هٿ ڪير سڻي ڪو يار يتيم جو ناهي
موت جي ڪنهن کي ناهي ڏيٺي وينا نيڪ وهاڻي
الله ٿو ڄاڻي....
دوست دلبر وڇڙيا ناهي ٻارن ۾ ڪا ياري
دل جي دنيا ٿي ويران ڪٿين دلڙي ڪاري
سارو خون سڪي ويو مان ڇو گهوڙيس هردم گهاڻي
الله ٿو ڄاڻي....
اي ”راهي“ بيدرد جهان جو ڍنگ نرالو آهي
پيسي جا هٿ پير گهڻا ٿو سڀڪو سير سڏائي
خوف خدا جو رک تون جنهن ڏي هلڻو اڄ سڀاڻي
الله ٿو ڄاڻي....

ڪيان مان ڪنهن ڪي اڄ فرياد
ڪري ڪو دل کي اڄ برباد

پوءِ رمندو رهيو

خوش ٿي ڪاندي مرڪي ملندي خوب هڻيائين تير
دل جي ڏک ڏک تيئن وڌي ۽ نيٺ بڻي دلگير
ڪهل ڪيائين ڪانه ڪري هو دل منهن جي ناشاد

پوءِ رمندو رهيو

هاءِ ملِيان مان سهڻل جا اڄ ڪنهن سان ويهي سور
اکيون يار اڙائي مون سان آخر ٿي ويو دور
هو ته هليو ويو جان جلائي ڪنهن نه ڪئي آباد

پو رمندو رهيو

’راهي‘ هاڻي نيٺ مان پيو سانوڻ مينهن وسائي
ڪنهن کي ڏوهه ڏئي جو ويٺو پنهنجو پاڻ لٽائي
قرب ڪچهريون روح رهائيون ڪونه ڪيائين ياد

پوءِ رمندو رهيو

سياڻي صبح جو ڪنداسين تياري ڪنداسين تياري
لڏي سار تو ۾ نه ڪٺي پوء واري
هلڻو پـــار ويـنـــدس سپيڻـــي ســـور نيندس
اٿم سور سائي هتي مان نہ رهندس
رکي يار پو تو- نپاڻي نہ- ياري
هتان پـــار ويندس پتو پـــوء پـــونـدئـــي
هوندئي دل جي دلبر تہ ڪوڙها نـــہ ڪڙندئي
ڪنئي پنهنجي سر تي مون تولاء خواري
ويھي ســـور ”راهي“ ســـان سهڻا نـــہ سليئي
ڏسي حال هيڻو ڪٽي پاڻ پليئي
ڪندو ياد رهندس سڄي عمر ساري

تنهنجو يار آهيان تنهنجو يار آهيان
ڪئي ڪيترو پي گنهگار آهيان
تنهنجو در نه هرگز مان دلبر ڇڏيندس
ڏيئي جان جاني پوء لالڻ لڏيندس
مان صدقي اوهان تان ته هر وار آهيان

تنهنجا گڻ هميشه مان ڳائيندو رهندس
قسم آ خدا جو نڀائيندو رهندس
مان توسان هميشه وفادار آهيان

ڪئي جان جاني مون تنهنجي حوالي
رکيج دل "راهي" جي تون سهڻا سنڀالي
مان تنهنجو هميشه طلبگار آهيان

سهڻا سائين خوب سينگاري توکي پنهنجي ساموهن بيهاري،
دل ٿي چوي پيو سجدا ڪيان

سهڻو اکيون آهن کهڙو اکيئي آهن
ويتر جو توکي سينگاريان

لالي لبن تي لائي اکين ۾ سرمو پائي
سينڌ به چڏيان سنواري

قدرت ڪمال ڪيو واه جو جمال ڏنو
سارا ڪهڙي ڪيان مان

صورت به سهڻي تنهنجي سيرت به سهڻي تنهنجي
سڀ کو ٿو ڏوڏي نهاري

اهي تنهنجا حسن و جواني اٿئي پار سڀئي فاني
پانور نه تن تي ڪجان نون

اڄ سور سهڻا سوريون ڏاڍا ڪي ڏکوا ڏوريون
"راهي" جي دل وچ ڏناري

عشق گهمايم گهٽيان گهٽيان
چوٽ چڙهايم پٽيان پٽيان
درد فراق دي مين هان ماري
رئندي عمر گذاريم ساري
ڏيهن ساڏي ڦٽيان ڦٽيان
ڪنهن ڪون سڻاوان حال مين دل دا
حال دا محرم ڪوئي نہ ملدا
راتيان ڏکيان ڪٽيان ڪٽيان
"راهي" رانجهن ڪڏهين ملسي
قرب وندبيسي خوش ٿي کلسي
وصل ديان ڏيسي وٽيان وٽيان

●

ڪيڏو نہ درد دل ۾ دلدار يار جو آ
مجبور جنهن ڪيو آ سو پيار يار جو آ
تير نظر جگر ۾ جاني هڻي ويو آ
دل کي ڏڏاري دلبر چوري کڻي ويو آ
هاڻي بدن برہ ۾ بيمار يار جو آ
فرياد ڦر جي هاڻي ڪنهن سان ڪيان مان ڪهڙو
ريادي آهيان مان پر آهيان ڏوهي جهڙو
مان اجنبي لڳان ٿو اغيار يار جو آ
"راهي" رهن سدائين منهنجون اداسي اکڙيون
ڪومائجي وڃن ٿيون جيئن ڪي خزان ۾ مکڙيون
خرش ڏورهي جو مونکي لاچار يار جو آ

ڪنتا ۽ ڪولافا پايان
رمز انهيءَ مان يار ريجهايان
ملڪ ڇڏي لاهوتي ٿياسون
دنيا جا سڀ سير ڇڏياسون
وات وندر جي يار پچايان
اکڙيون ٿي دن رهن اداسي
دم دم دلبر لاءِ پياسي
نيڻن مان پيو نير وهايان
"راهي" الله عربي ميلي
شال ڪري ڪا مهر سويلي
سرڙو در تي نمي جهڪايان

●

جيڏيون تن جتن مان لڳي منهنجي لائي
ڪمايم نه ڪجهه پئي عمر وئي اجائي
مونکي هوت هٽي ويا پنهل پئي ڪٿي ويا
ڇڏي هڪ ڄڻي ويا وريم ڪان وائي
هيس ڏاري ڏوهن ۽ پانهن جي ڇائي
لڏون ڪل نه ڪائي لڳي رڻ رلائي
"راهي" نيهن لاتو وڃي هيچ پاتو
اکين هي نه ڄاتو امر ٿيو خدائي

اهڙو ڏينهن سدورو ٿيندو
محب منهنجي اڱڻ تي ايندو
ڏينهن رات ڏسان ويٺي راهون
ايندو محبوب منهن جو ڪٿاهون
اچي گولي وري ڪڏهن ڪڏيندو
اچي دردن ڪيا دل تي سارا
اچي مهٽا ڏجان تون مهارا
ساه تو ڪان سواءِ ڪيئن جيئندو
ڏينهن رات ڪيان روج راڙو
وساهان واري ڪري سر اکاڙو
اچي هادي ته هٿڙا جهليندو

●

رڙندي رات گذاريم يار دي خبر نه آيم
وڇڙ گيا پرديسي پيارا ڪنهن ڪون حال سڻاوان سارا
ساري رات سنياريم
ساجن صبح و سانجهي ساران ني گيا ميڏا حال بيماراز
جانب مور نه آيم
رب سچو دي داڙي گهايم "راهي" بره فقير بناء
تڏهين ڦند ڦچايم

توکي ڏنئوي ٿمڙم ڏينهن ڏکيا هتي پيئي ڏينهن گذاريان او يار
سور اندر جا اڇ تہ کي اوريون
جاني جدا ٿئين جيئن
توکان جدا ٿي ڪيئن گذاريان
سور وڌو آ نيهن
راتو ڏينهان "راهي" اکين مان
روئي وسايا مينهن

●

سور سوين مون سهٽا سٽا سدا سورن ۾ پيو تو لئہ سڙان
دل ۾ درد دکن، من ۾ مچ مچن
سور اچي تيا ڪل ڏي ڪٽا
مدون موٽي آيون، کيتيون ٿي ويون سايون
موٽي سدائتا مينهڙا وٺا
چوتو دور گذارين 'راهي' کي تو وسارين
موٽي آ تون منهن جا مٺا

بلبل پڪاريان روئي راتيون گذاريان محب مٺا
توريءَ منهنجا او مٺل سائين
ڪيئن دل کي ڏڏاريان
قول قرار ڪوڙا ڪيا تو
ڪيئن وعدا وساريان
"راهي" سدائين تنهنجو رهندو
ڪيئن ٻئي ڏي نهاريان

●

اٿم درد دل ۾ سو ڪنهن کي ٻڌايان
سوين سور آهن سي ڪنهن کي سٽايان
نڪو حال محرم نڪو حال پائي
سجو ڏينهن سهڻن جي آ وات وائي
جدائيءَ ۾ جاني جگر هيو جلايان
دوا دارون ڪر منهنجو دلدار هائي
وصل جو وري جام تون وار هاڻي
ملع لاءِ مٺڙا تو حيلا هلايان
تمام حال هيٺا جلي ويئي جواني
مٺا ڪانءِ مون تي ڪيئي مهرباني
چکن چاڪ دل جا سي ويٺو ولايان
سچي روز شب توکي "راهي" تو ساري
ڏکيا ڏينهڙا تو غمن ۾ گذاري
وري آ سچي توکي سيني لڳايان

مان مسڪين آهيان مان مجبور آهيان
تڏهين دل کان دلبر ٿيو دور آهيان
ستم تون ڪرين پيو مان سهٽا سهان پيو
وفادار آهيان ڇيو مان چوان ٿو
سوا تنهن جي هردم مان رنجور آهيان
ستائڻ منجهان توکي سهٽا ڇا ورندو
هتي ڪوئي مسڪين بي ڏوه مرندو
غمن کان اکيئي ٿيو چور آهيان
اگر آهه پلجي اچان ياد توکي
ته ڏسجان ڪهو آ تو برباد مونکي
کهڻ ۽ ڦرڻ کان مان معذور آهيان
اهي راز "راهي" مان ڪنهن کي ٻڌايان
سمايو اندر ۾ جگر پيو جلايان
سٺي حال ڪوئي سچو سور آهيان

ڪهڙو حال ٻڌايان مان توکي چئي
مجبور ٿيس توکي دلڙي ڏئي
محبوب منا تون ماري وڌين
تون پيار ڪري پوءِ وساري وڌين
هت ڪٿين ۾ تون گهاري وئين
تون کو هيئن ڪندين ڪل ڪانه هئي
آيو مون تي وڇوڙو يار وري
ڏينهن رات ٻره جي باهه ٻري
ويندس تو کان سواءِ هت مفت مري
ڪنهن جو ڏوه نه کو هي تقدير ڪئي
محبوب منا هاڻي ڪيئن ڪمان
ساريو توکي سڄڻ مان تو روز روئان
ڪائي راه نه آ تو ڏي ڪيئن اچان
هتي تو کان سواءِ سکهان ڪيئن رهي
موٽي ”راهي“ ڏي اچ رحم ڪري
ماندو يار وڇوڙي ۾ ٻيو تو مري
منهن جي تو کان سواه پيلا ڪيئن مري
هيڻي دل نه سکهي تنهن جا سور سهي

نہ آ ڏوہ ڪنھن جو قتل پاڪ آهي
نہ منزل ملي ٿي نہ ڪو ماڳ آهي

ٿڏا تيرُ ٿاپا تہ دستور آهي
۾ مسڪين مظلوم مجبور آهي

رئڻ رات ڏيهان سندم راڳ آهي

وڏا وس ڪيان ٿو نہ ڪو وس هلي ٿو
ظالم ڪي حملا نہ حملو هلي ٿو

الاهي اندر ۾ لڳل آڳ آهي

فتح جي قتل ڪائي تقدير آهي
اها تنهنجي اي چانگ تدبير آهي

مون مولي حوالي ڪئي واڳ آهي

اي دلربا سهڻا اجا ٻي آزمائي ڏس
ڏيھ چاھين تہ ڏي صدما اجا ٻي آزمائي ڏس

ٻيو سهڻا ستم سهندس نہ جاني تون جفائي كر
وفائون ٻيو كندس آئون ڀلي ٻيو بيوفائي كر

وفا منهنجي کي تون مٺڙا اجا آزمائي ڏس

ٻريو آ عشق جو آڙاه تنهن سينو چڏيو ساڙي
سيئي درد دنيا جا وڌا سون دل اندر واڙي

جلي جاني ويا جيرا اجا ٻي آزمائي ڏس

فتح جي دل ڦري جاني وجي ٻيو يار تو كيڏانهن
وجھ وارا ڀلا ويندي تہ كر كا هك نظر ھونڏانهن

اكين تي جي ڏنئہ ڏكڙا اجا ٻي آزمائي ڏس

منا محب مارو الائي چو نــــ آيــا
کنون ٻيون کنوڻيون سارنگ ساز لايــا

الائي چو نہ آيو اباڻن کان اوڻي
ملان ماان وري شال مارن سان موٽي

هني مهنڊڙن مر نہ ميرا منايا

ويس چا لڌ ويڙهيچن کي وسري
نب و روز رئندي ويئي عمر گذري

ر کان ويئي روزا نہ مون کاج کايا

ڪڏهين نيٺ پچندا ڪنجون قرف تاڙا
پسان آئون اکين سان ٻنو هارن جا ٻاڙا

تين چانگ کي سال لايا سجايا

متا تون نہ جيڪري جدائي ڪرين ها
سچ ڪجهہ تہ مونسان وفائي ڪرين ها
جلي جان ويئي جدائي ڪري وئي
نہ ڪيئي ڪا وفائي جفائي ڪري وئي

نہ تون عشق ۾ هي ادائي ڪرين ها

سندم دل کي دردن تہ ماري ڇڏيو آ
سدا تنهنجي سورن تہ ساڙي ڇڏيو آ

نہ ايڏي متا تون مدائي ڪرين ها

ڦري وئين قسم کي تہ ڇا توکي و
چوي پيئي دنيا تہ ٿيو چانگ چ

نہ ايڏي سچ تون صفائي ڪرين ها

اچا يار تنهنجون مان راهون پسان پيو
ٿيو "راهي" راڙا رڙن ۾ رلان ٿو

نہ ايڏي تون لالچ لڳائي ڪرين ها

منهنجي دل تي ٻلٻل ڀرڻ کي پڪاري
ڇڏيم يار جي اڄ وطن کي وساري
مونکي يار وئين تون بڻائي بيگانو
ٻڌئي ڪونه منهنجي ڏکن جو فسانو

ڇڏي وئين اڪيلو تون ڪنهن جي سهاري

رکيو يار ٻاري لـ، کن پوءِ واري
وڇوڙي ۾ ويئي سڄي عمر ساري

وساري ويا سي ڏکي ويا ڏکاري

ٿيس مان مسافر ڇڏي ديس پنهنجو
ڪم ڪارا ڪهڙا ڇڏي ويس پنهنجو

سيڻي سور تنهن جا ڪنيا مون سنڀاري

ڪير يار هڪڙو نماڻو ۽ نڌڙو
وڇڙي ويا مون ڪري جيءَ جڏڙو

جڏو جيءَ "راهي" سندو وڃ جهاري

ڪري خالي اڱڻ اڄ تا دور وڃون
نه آئين ٻار سڄڻ ته ڇا سور سهون
جاني جس ھجئي نه ڪئي مونسان وفا
ڪئي ڪان ڪڏھين مون توسان جفا

ڪري دلڙي ڇڪنا چور وڃون

پيارا پرديسين سان آ پيار ڪٻو
نه ڪو تن کي ڏکي آھي ڏار ڪٻو

اڄ تا ننهنجا ڪٺو سيئي سور وڃون

وڃان مان تو ھتان بنيو مجبور ۔
ڪندين ياد "راهي" کي ضرور ۔

هاري نيڻن جو تا نور وڃون

نه ڪا آ وفا ۾ نه يارن ۾ ياري
اسان دل ته دردن ۾ ڳٽين ۾ ڳاري
ٻرن ٻيار ٻهرئين ۾ پنهنجو بنائين
وجهي ٻوء وڇوڙو جگر تـا جلائين
رکو ٿي اندر ۾ رهي آه زاري
اهي حسن وارا ڪنهنجا ڪين ٿيندا
سواء سور سختين جي ڪجهه ڪين ڏيندا
مون والن تي ويهي وسائي آ واري
هتي جان 'راهي' جي ساري جلي وئي
هئي صرف دل سا به مون کان هلي وئي
روئي عمر گذري وئي منهنجي ساري



ڪانگا ڪل ڪا ڏي مون قريبن جي
مونکي سڌ ڪا ساھ حبيبن جي
مونکان ڪھڙي سبب محبوب رٺا
ڪھڙا عيب عجيب ھٿا مون ۾ ڏٺا
ڪڏھن موٽي ايندا محبوب مٺا
اچي سار لھن ڪا ضعيفن جي
سڀ وعدا وساري سي ويھي رھيا
ڇا اصل ڪان ٿي بيزار ھٿا
ڪھڙا ڏوھ تہ مون مجبور ڪيا
ڪٿي معافي وٺان مان گناھن جي
اھا آس اٿم ھلي ھوت ايندا
سڀ دوريون دلبر دور ڪندا
وري "راھيءَ" سان خوش ٿي ڪلندا
جيڪا مرضي ھجي محبوبن جي

دل جي دردن جي ڪنهن کي دانهن ڏيان
اهو پنهنجي نصيبن کان پاڻ ان
ڪئي قرب گهڻا احسان ڪيم
جهڪا توکي وٽي سا يار ڪيم

مان تنهن کان ڪيئن انڪار ڪيان

منهن جي دل سيني ۾ آهي مٿا
هر چيز هئي جا ڪٿي وئين مٿا

ڪٿي خالي دل مان ڪيڏانهن وڃان

دل دردن "راهي" جي نيٺ پري
سا نه سورن ۾ وينديءَ نيٺ سڙي

پلا جاني جسم کي ڪيڏانهن ڪيان

اڄ اڱڻ تي يار جاني ڇو ڪٿي تو دير آ
تو سواءِ سهڻا سڄڻ منهنجو ڀلا هت ڪير آ

آ وري تون يار جاني ياد ٿو توکي ڪيان
هر گهڙي مان ٻيچرا ۾ پنڌ ٿو تنهنجا تڪيان
تنهن جياڻ تڪ منهنجي دل ۾ هر گهڙي هر وير آ

درد جون دانهون ٻڌي ٻوءِ ڇو نٿو هاڻي اچين
جڳ سڄو ويري ٿيو آ ڇو نٿو پاڻهي اچين
مـان ٿيس مجبور ليڪن تو ٻـڌو ڇو پير آ

اڄ اکيون توکي ڏسن تنهنجي اکين کي آس آ
هي دل تڙپي پئي تـوکي نڪو احساس آ
پريت مان ٻهارا ٻرين تون مون ڏي پاڻي ٻهر آ

گهور گهٽ واڻون نهارڻ ۽ ٻچارڻ ٻيچرا
ڪون آهين تون عجيبا قافلا ويا ڪڏرا
تون مٺـي منهڙو وئين داڻا وڏو هت ويـــر آ

اڄ عجيبا اڄ ملهايون منڊ هي برسات جي
تو ٻنا ڪنجي ڀلا ڪيئن هر گهڙي هن رات جي
آهه جـو توکان سواءِ دل غمن جـي زير آ

ڪون سمجهي ٿو سڳهان ڇو ڏينهن لاتا ڏو گهٽا
ڪون آهو ڪوئي قاصد يار جاني تو ڪٽا
ڀاڳ ”راهي“ جي ۾ هي ڪهڙو ٻيو اڄ ڦير آ

اڄ پيارا يــار جاني موت جــي آهــي گهڙي
ويل ويرم ڪيم ڪر تون آس توڏي آ ڪڙي

ڪان گهرجي ڪا دوا ۽ ڪونہ گهرجي ڪو پيار
پنهنجي درشن سان اچي ۽ مون اکهي ڪي تون اٺار

ڪونہ آهي مرض، دل تنهنجي وڇوڙي ۾ سڙي

ڇا ڪندي هاڻي دوا ۽ ڇا ڪنديون هاڻي ڦڪون
ڪونہ درشن تو ڪرايو ۽ تڪي اکڙيون ٿڪيون

نيهن مون ناسور ڪيڙا درد جــي آهي دڙي

جي نہ آئين تون مڻا اڄ موت منهنجي جو ٻڌي
ڏيهہ جا ڏوراپا سهندين ڪم نہ تو ايندي خودي

هاءِ منهنجي بي ڪسي جو سنگدل سان دل اڙي

جيئن جنازو يار "راهي" جو کڄي هلندو هتان
آه زاري عــام ٿيندي لــوڪ ڪلندو تــو مٿان

آگ تنهنجي عشق جــي ۾ جان منهنجي آ سڙي

هلي آ اڱڻ تي مٺا يار موٽي
نه ٿي دور دلبر خدارا تون ڪوٽي

هاي آ حبيبا هي ڏس حال هاڻي
جلي ويئي جواني خدا هڪ تو ڄاڻي

اڃي دل ۾ دردن آهي جنگ جوٽي

ٻلي دل پيارا نه پنهنجي ته وچ تون
ڪري قرب تون آءُ پيرو نه پيچ تون

وڇوڙي جي دردن سندم دل مروٽي

سڄڻ سور تنهنجا سدا سهندو رهندس
ڪري حال هيڏا سدا رئندو رهندس

وجهي وچ نه "راهي" ڪان وڏڙي وڇوٽي

—•—

دل دردان ڏاڍي ماري ميڏي
دلبر مون کان دور نه ڪر
دل ڪيتريان ڏاڍي ڪاري ميڏي
دلبر دل کون چور نه ڪر
هڪ وار اڳي تي يار تون آ
آ ميڏي اڳهه تي هر تون يا
تين ڏکوي مون يار ڏتي
هڻ تون ڏاڍا مهکون ڏور نه ڪر
انهن درد دا کيون در مان نهين
افسوس تيکون ارمان نهين
هي مـهـڏا مـن مجبور منا
هڻ وير تون مجبور نه ڪر
تون "راهي" دي هڻ يار صدا
تون چوڙ جفا م ڪر ڪا وفا
دل کهايل تهڏي کهوران دي هي
خود کون تون مغرور نه ڪر

آ محب مٺا تون وري وري
دل دردن ۾ ٿي ڇري ڇري
تنهنجا ناز مڇڻ خوش ٿي ڪٽندس
توکي نہ وڃيس ڪنهن کي وڻندس

دل توکان سواءِ ٿي ڏري ڏري

ٿورا تو ڏيهان يار رڻان
ڪنهن ساڻ ڀلا مان سور سلهان

دل ڳٽين ۾ آ ڳري ڳري

تون يار فتح ڪي وٺڻ چو ٿئي
۽ پوءِ وٺڻ چو منهن ٻہ مٽي

اڄ تنهنجي ڪٽن وٺي سري سري

رکيو جاني ڪرڻ ٿيو جفائي
ڪهڙي ڪان ڪيا وعدي وفائي
ڪهڙو احوال دل جو ٻڌايان
ڪهڙا ڪهڙا ڏون سور سٺايان

ڇو؟ مون تہ پنهنجي آ جندڙي جلائي

تنهنجي ٻره ڪيو آ بيگانو
ياد مون کي آ گذريل زمانو

ڪهڙو؟ جڏهين مست نظر تو ملائي

ڏينهن ڏکيا، تڪيان رات تارا
ٻاڙي دلڙي وٺين ٻار پيارا

ڇيئن؟ رڳو سهڻا ڪرين ٿيو سوائي

وئي راتيون هتي منهنجون گذرن
تا مون کان اهي ڏينهن وسرن

ڇو؟ دل ۾ دردن آ دونهين دکائي

ٽو ٽڪا ٽير ٽن ۾ لڳايم
ٽو سوا ٽيءِ ٽمٽين وهايم

پوءِ؟ ساري مون تان ڪلي پٽي خدائي

هي سور سدائين ڀڳا رهندا
جان جيرا جالي خاڪ ٿيندا

ڪيئن؟ جيڪا تو آڳ آهي لڳائي

مون ڇڏيو ديس پنهنجو وساري
آءُ لالن لڳس تنهنجي لاري

پوءِ؟ وٺين رولي رڻ ۾ تون راهي

چانگ هرڪو ڪري ٿو اڳهاڙي
اهڙو ڪونهي ڪري جو پڇاڙي

هاڻ؟ آ ويٺي عمر ساري اجائي

تهڏي خيال و خواب ڪنون پيي
مهڏي منزل ڏاڍي ڏور

حال ڪيا بي حال ٿيوسون،
درشن وچ پامال ٿيوسين،
لوڪ لکيا تي لال ٿيوسون،
دلڙي تي ڪئي ڇڪنا چور

تير تفنگ تي ٻڇيان ڀالي،
عشق ڀلائي ڀرت ڀالي
محبت ڪيتا مست موالي،
ڦٽ لڳي تي ڪئي ناسور

هاءِ وڇوڙي جيءَ جلايا،
اپنا محب نه ڪنهن ۾ ملايا
قسمت ڪيهي راهه لڳايا،
محب نه مليا ميڪون مور

عشق اسانو عرش ڪهايا،
عرشون لاڪي فرش ڪهايا
جو نه ڏنوسين ورش ڪهايا،
ڇوڙا سانو ٿيا مغرور

رڻ وچ "راهي" رول ڳيا هي
ڇوڙ اڪيلا ڏول ڳيا هي
راز نه ڪوئي کول ڳيا هي
لوڪان وچ ڪر ڳيا مشهور

جوڻن سنڌيون ڳالهڙيون ٻيريءَ ۾ مه ٻچار
ويهي سڀ وسار، "راهي" گذريل راتڙيون

# بيت

جهوڻن جانب ڳيون هلڻا، نهوڻن ول نه آيون مور
جانب تهنجي جدائي دي مکون پاڻل پون پور
سدائين ساندڻي من سڄڻ سک اندر تيڏي سور
دلبر نه هو ويڻ دور، ٻرين ٻل تون هڪڙا

مست اکيون محبوب جـون، آهن نسور ڏسـي نور،
تاب نہ جهلي ڪو تن جو، جيئن تاب نہ جهليو طور
’راهي‘ مات نہ اچي مور، ڏسي مست اکيون محبوب جون

مست اکيون محبوب جون آهن مستن وانگر مست
ڏسن ڪين ڏيهہ، ڏي ڪن قرب منجهان تيون ڪست
”راهي“ تين دست بہ دست، مست اکيون محبوب جون

مست اکيون محبوب جون آهن نسورو ڏي ناز
ڪسي دل ڪنهو وڃـن جيئن بحري ســتـي باز
”راهــــي“ اهـو راز، رکج پنهنجي روح ۾

مست اکيون محبوب جون ٿيون فراقي ڦٽين
هٽي دناليون دل ۾، ٿيون جهٽ پٽ جهٽين
ٿيون سورن سڃهہ سٽين، مست اکيون محبوب جون

مست اکيون محبوب جون آهن نازڪ نرمليون
سرمي بنـا، سهنگاريـون وتـــن ســدا شرميليون
آهن قرب جون ڪر ڪاليون مست اکيون محبوب جون

مست اکيون محبوب جون آهن زوراور زور
ترس نه ڪن تر جيترو ڪن ڪاسائي جهان ڪور
ڪئين گهوٽ ٿيا گهور عجيبن جي اکين تان

مست اکيون محبوب جون، ٽيون هٿن پيالا ٽمر،
دل ٽٽي پرزا ٿئي، وهن نيڻن منجهان نير،
ٿا مرن ڪئين مور چشمن ڪئين چريا ڪيا.

مست نظر محبوب جي گهاٽا ڪيا گهاءَ
جگر جيرا سڀ پچي ٿيا پاهه،
نيڻن ننڊ ناهه اکيون اداسي عجيب لئه

مست اکيون محبوب جون ٽمون جام پيارين جام
تو مڪ ڦٽي ميون ٽٽي نيڻين ننڊ حرام
”راهي“ اچي ڪهن آرام ٿي مست اکيون محبوب جون

اکيون عجيبن لئه ٽيون جهوريءَ منجهه جهرن
دل سدا دانهون ڪري ٿا جيرا جگر سڀ جلن
”راهي“ لب هڪين لچن اکيان عجيب جي

اکيون عجيبن جو آهن ڪجلئون ۽ ڪاريون
سرمي بنا ۾ سچن وتن سينگاريون
تنهن سان پريت پاريون جنهن سين نندپڻ نيهن لڳو

چمان اکيون عجيبن جون جن جو مٺاهون مان
قرب واريون تيون قرب ڪن آ شاهي تنجو شان
اکين ڪيا احسان جو سد ڏنائون سورن جي

سد ڏنائون سورن جي جا ڪل نه مون هئي ڪان
درد نه جنهن جي دل ۾ سو ته هميشه حيوان
"راهي" جان ڪيان قربان عجيبن جي اکين تان

اکيون آهن اکيون پر اکين ۾ به اکيون
ڪن ۾ نشو نيهن جو ڪي ڪاريهر ڪکيون
"راهي" آهن رکيون محب اکيون مون مارڻ لئه

پلي وسن اکيون ڇا وسي ڪندو مينهن
هي رڻ راڌو ڏينهن هو مند وسي موٽي وڃي

پلي وسن اکيون ڇا وسي ڪندو مينهن
جنهن لهوڙيو نيهن ۾ ساڻون سهارو نه ڏسن

من وچ محبت مچ مچاڪي عشق اسانو خوب نچايا
دل وچ دونهي درد دکا ڪي پريت ڄ سانو خوب پچايا
"راهي" رنگ وچ رچايا عشق اويڙا ڀڄڻ نه ڏيندا

محبت ايــوين ماري جيويـــن مـــار ڪري ماري
نهن لاڪي توڙ نه ٿيوي تـوڙي جاوي عمر ساري
"راهي" ڪون دلبر ڏيوو دلداري مهڏي نيهن نهوڙي جندڙي

محبت جـو ملهه آهي تـه آهـي الاهي
لڳي ته لک لهي نه تـه لاهي نه لاهي
ڪل نه پوي ٿي ڪاڻي انت نه آهي عشق جو

محبت جـي ميدان ۾ ڪاتي هيٺان ڪنڌ
امتحان عشق جو ڏـو هلي هر ڪنهن هنڌ
"راهي" ڏـي رنـد محبت جي ميدان ۾

محبت جي ميدان ۾ آيون سورن جون سٽون
لرزيا سون نه لوڪ ڪان چڙهيون قرب ڪٽون
پريت جـون پٽيون ۾ آيون مين راجهه سان

محبت جي ميدان ۾ تون سندرو ٻڌ سوگهو
خان ڪٽنڌئي خيال ڪجاڻ متان ٿين موڪو
"راهي" عشق آ اوکو متان ويهاري وات تي

محبت جن کي ماريو سي ڪيئن سگهن سمهن
وجهي منهن مونـــن ۾ ٿـــا راتـــو ڏينهان رئن
ڪنهن کـي ڪين چون سڄڻ ڇـــڏيو مورن ۾

محبت ناهي ملڪ ۾ آ پيسي جي پرواه
لڏي ويـــا لـــوڪ مان سي اکوٽـــا ارواح
"راهي" وٺ تـون راهه دنيا دم نه هڪڙو

محبت جن کي ماريو سي رئن راتـــو ڏينهن
وسن سي ويهون ڪري جيئن وسن وڏا مينهن
ڪيا ناحق وڏا نيهن سڄڻ منهنجي سر سان

محبت جن کي ماريو سي منجهان منجهه مرن
سور انـــدر ۾ ساڙيو گهٽن منجهه ڳـــرن
ڪنهن کي ڪين چون ته سورن آهي ساڙيو

محبت جن کي ماريو سي دنهان کان ٿيا دور
اوڏو نـــه آيا عقل وارا ڏسندا رهيا ڏور
محبت کيا مجبور "راهي" سوين راه ۾

ڪچان لچان کين کي عجب جي اڳيان
چانگ کين چوان درد پنهن جي دل جو

ڪچان لچان هڪين کي سچ جي سامهون
محبوب ستان مون من کا نمائي نظر کري

ڪچان لچان کين کي منجهان منجهه مران
درد رکيو دل ۾ ڪيتين منجهه ڪـران
چانگ هڪين چوان مان درد پنهنجي دل جو

ڪچان لچان کين کي جڏهن پرين کري پيار
جانب جـــي جدائي ۾ نيڻن وهـــايـــان نـــار
ڏٺي شل نه ڏار ڪنهن کان ڪنهن کي کين کري

سور مڙيئي سور ٻر منهنجا سور ڪلدا
ڪائي پاس آهن مست ٿيا هو سمهن ڪون سدا
’راهي‘ ڪر محبت حق ادا مرڏي سڄڻ جي سورن ڪي

آڌي رات اچي مونکي سورن ستايو
سک سمهڻ ڏين ڪين ڪي وڃن ننڊ ڦٽايو
ڪيان سمهڻ جو ساءو نه اچيو سور سامهان ٿين

اچيو سور سامهان ٿين ڪن محبت جي مذاق
يادگيرو ڏين ٻار جو نيڻن چڪن منهنجا چاق
منجهه عشق جي اوطاق ”راهي“ رهندا سور سڄڻ جا

سڄڻ تنهنجا سور ويا وڪوڙي
ترس نه ڪهڙي تر جيترو وڃن وڃوڙي
جنجل وڃن جوڙي موت منهنجي ڪان اڳي

سڄڻ تنهنجا سور لڳا هڏن کي هائي
ڪندا قرب ڪهڙو سو نه الله ٿو ڄاڻي
هوت اچ هائي ويئو سات نپايان سورن سان

سڄڻ تنهنجا سور ڪاڏي پيا آهن ڪري
ماس نه ڇڏيائون سون ۾ ظاهر ڪاٻه ذري
ويو ماس منهنجو ڳري سورن آهي سختي ڪئي

جڏهن تنهنجا سور ٿيا جانچڻ ڀي جاء
منهنجو ته ماس ڳري ويو نه اٿن ٻي ڪا واهه
"راهي" کڙي راهه سمايان تن سورن کي

سڄڻ تنهنجي سورن سان سون ويهي سلها سور
لاڻي چت چريو ڪري ڇڏيو دلبر ويم ٿي دور
چئي ماٺ نه ڪر تون سور 'راهي' سدا رئندو ٿي ره

جيم سڄڻ تنهنجي سورن کي ته ڪيم ڪهڙو ڏوهه
دلڙي ڦري دلبر ويم ڇڏيو ڀريڻ نه آيم ٻوهه
چئي "راهي" ويئو روهه سدا سڄڻ جي سڪ ۾

سڄڻ تنهنجي سورن سان مون روئي ڪيا حال
ڇڏيو ٿي دلبر دور ويم ويا گذري مون سال
چئي فتح ڦيري وجهه فال عجبن جي اچڻ لئه

سچ تنهنجي سورن سان ڪيم روح رهاڻ
دلبر ڏسي دور ويم ڪيان ڪيئن مان هاڻ
چمي ٻرين ايندي پاڻ عجيب تنهنجي اڱڻ تي

سور مڙيئي سوز پر منهنجا آهن سور
مڪ سنڀران ڪين ڪي رکو سور ڏي سور
چانگ ٿيا چور عضوا منهنجي اندر جا

سور مڙيئي سور پر منهنجا سور سوائيا
وهي ويا وجود ڪري جن جزا جلائيا
ڪئين "راهي" رلايا سورن سوين سيج ۾

سور مڙيئي سور پر هي ڪي نوان سور
عضوا عضون کان جدا ڇڪنا ڇڪنا چور
کهايس هڪڙي گهور سورن اڇي سوگهو ڪيو

سور مڙيئي سور پر منهنجا سور مڪ
ٻرين ٿا سندي ٻار جا سور بي پايان مڪ
"راهي" رکان رک جتان سور سدا اچن

The end
This is a girl

عيد انهن جي ڪهڙي تنهنجي جن کان وڇڙيا يار وتن
دل ۾ دونهان درد دکن ۽ اکيون روز رئن
سي پلي عيدون ڪن جي ملن محبوبن سان

This is a young. It is Bad boy

آئون ڪيئن ڪيان عيد، جو سڄڻ نه اٿم ساڻ
ويٺي سڄڻ ساريان پرين ايندم پاڻ
الله ڏون آڻ عجب منهنجي اڱڻ تي

It is a very good

آئون ڪيئن ڪيان عيد جو سڄڻ نه اٿم ساڻ
ڪنيا تو ڪنوي پيو ايندم سڄڻ اڄ سياڻ
"راهي" روح رهاڻ تنهنجي محب مٺن سان

آئون ڪيئن ڪيان عيد جو دلبر اٿم دور
ماڻهو نه عيد ملهائين پيا مون سوين آهن سور
مان نه ڪنديس مور عيد ڪا عجيبن ريءَ

آئون ڪيئن ڪيان عيد مونکي پرين سدا پور
صبر سڪ وڃائيو مات نه اچي تي مور
تنهنجي عيد ضرور جڏهن ايندو عجب اڱڻ تي

آئون ڪيئن ڪيان عيد منهنجي اندر ۾ اسات
عجب جي اچڻ جي وٺي ڏسان واٽ
ڪنهو ڪڇي ڳاٽ پسان وٺي ٻر ڪي

ماڻهو ملهائين عيد آئون وٺي سڄڻ ساريان
"راهي" رانهون رانجهل جون نڪريو نهاريان
هنجون وٺي هاريان ڏسو ساري ڏيهه کي

ماڻهو ملهائين عيد آئون رويو روح رڄهائيان
هو پوٽر پهرين پوشاڪون آئون پئي پراڻا پايان
پئي لوڪون لڪايان درد پنهن جي دل جو

عيد انهن جي ڪهڙي ٿيندي جن جا نه ويجها ور
پهرين پوشاڪون ڪين ڪي ملن ڪين مر
جڏهن دلبر ايندو در ته عيد ٿيندي انهن جي

عيد انهن جي ڪهڙي ٿيندي جن جا پرين پري
دل ۾ درد هزارين ڏسي ٻره ٻاهه ٻري
پورل پاڻ پري آڏي پيالو پيارندو پريت جو

عيد انهن جي گهڙي ٽمندي جي جر وهائين جام
اکيون پياسون پرينءَ لئه طلب نه اٽن کا طعام
آ جن نيڻن ننڊ حرام سي ڪندا عيد گهڙي

عيد انهن جي گهڙي ٿيندي جن کان وڇڙيا يار
ساٿي نه ساڻ تن جي دلبر ٿيا تن ڌار
جن اجڙيا سڀ سنسار سي ڪندا عيد گهڙي

عيد انهن جي گهڙي ٿيندي جي ديس کان آهن دور
ماتم جن جي من ۾ سوڻ اندر ۾ سور
محبت کيا مجبور "راهي" سوڻن راه ۾

عيد انهن جي گهڙي ٿيندي جي ويا محبت منجهه مري
سور ساٿي تن جا ويا گهٽين منجهه گهري
چانگ تي چڙي دلڙي هي دلبر ڏنا

آئون ڪيئن ڪيان عيد هنج نه منهنجي هنج ۾
دکوئل ڏيئي ديد دلبر لئه ڏيکين هون

راهي پبليڪيشن شهدادپور
جي ٽئين پيشڪش

Station Road New

# سچ ۽ سور

Said Adad

جلد پيش ڪيو ويندو
پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ
ڪلامن، بيتن کان علاوه
ڪهاڻيون پڻ پيش ڪيون وينديون!

"راهي"

Fateh Ali
Khan
Stiion

ملڻ جو هنڌ
ڪوارٽر نمبر بي-٩
سنڌ يونيورسٽي ڪالوني
ڄام شورو:- سنڌ